# سورت ماعون

## (ترجمو ۽ تشريح)

07-April-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

7 اپريل، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سورت ماعون

## (ترجمو۽ تشريح)

هن بيان ۾ اوهان چاڻي سگهندؤ...

- ✿... پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يتيم جي مدد فرمائي
- ✿... سورتِ ماعون جو مختصر تعارف
- ✿... دل جي نرميءَ جو هڪ نسخو
- ✿... هڪ اِفطار يتيم ۽ مسڪين سان گڏ

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

مسلمانن جي پهرين خليفي، اَميرُالمؤمنين حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ارشاد فرمايو: نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهڻ گناهن کي ايتري قدر جلدي مٽائيندو آهي جو پاڻي بہ باھ کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان افضل آهي.[1]

پڑھتا ہوں کثرت سے درود ان پہ سدا میں | اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث ورضا دے[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!    صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الۡحَسَنَةُ تُدۡخِلُ صَاحِبَهَا الۡجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[(3)]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان

---

[1] تاريخ بغداد،جلد:7 ،صفحہ:172۔

[2] وسائلِ بخشش ،صفحہ:114۔

[3] ... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هاءِ! رمضان وڃي رهيو آهي...!

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جو مُقدس مهينو آهي، ٻيو عشرو جنهن کي مغفرت جو عشرو چيو ويندو آهي، جاري ۽ ساري آهي، هاڻي ڪجھ ئي ڏينهن پهريان جي ڳالھ آهي، اسان رمضان جي آمد جو انتظار ڪري رهيا هئاسين، رمضان جي آمد جو سوچي ڪري عاشقانِ رمضان جون دليون جهومي رهيون هيون، پوءِ رمضان شريف به تشريف وٺي آيو ۽ هاڻي تيزي سان گذرندو پيو وڃي، ٻيو عشرو جاري آهي ۽ هي به جلدي جلدي اختتام ڏانهن وڌي رهيو آهي، رحمتن، برڪتن واريون مبارڪ گهڙيون تيزيءَ سان گذري رهيون آهن.

دِل کو رُلا رہا ہے، رمضان جا رہا ہے
حسرت بڑھا رہا ہے، رمضان جا رہا ہے
اس ہجر کو جو سوچا، آہیں نکل پڑی ہیں
دِل ڈگمگا رہا ہے، رمضان جا رہا ہے
روکو! کوئی تو روکو! ماہِ کرم کو روکو!
دامن چُھڑا رہا ہے، رمضان جا رہا ہے
اب تک وہیں ہے غفلت، کچھ نہ ہوئی عبادت
دِل خوف کھا رہا ہے، رمضان جا رہا ہے

اي عاشقانِ رسول! اڃان ڏينهن باقي آهن، اي ڪاش! دل تان غفلت جا پردا هٽي وڃن، شيطان ته پهريان کان ئي قيد آهي، ڪاش! هي نفسِ امّاره به ڪهڙيءَ طرح سُڌري وڃي ۽ اسان رمضان جي هنن مبارڪ گهڙين کي غنيمت ڄاڻي

ڪري پنهنجي ربّ ڪريم کي ڪهڙيءَ طرح راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

ترے کرم سے مِلا مغفرت کا ہے عشرہ
رہائی نارِ جہنّم سے ہو عطا یارَبّ!
اِلٰہی رہ گئے رمضاں کے آخِری روزے
رِہائی نارِ جہنّم سے ہو عطا یارَبّ!
اِلٰہی! رہ گئیں رمضاں کی آخِری گھڑیاں
کرم سے بخش بھی دے ہم کو یا خُدا یارَبّ![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سورتِ ماعون: ترجموءِ تشريح

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ نُزولِ قرآن جي هنن بابرڪت گهڙين ۾ اچو! قرآنِ ڪريم جي هڪ مختصر سورت: سورتِ ماعون جو ترجمو ۽ ان جي مختصر وضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. ان کان پهريان پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سيرت جو هڪ خوبصورت واقعو ٻڌون ٿا:

## پياري آقا يتيم جي مدد فرمائي

روايتن ۾ آهي: مڪي پاڪ ۾ هڪ يتيم ٻار هو، هن امّت جي فرعون يعني مڪي پاڪ جي تمام وڏي ڪافر ابو جهل ان يتيم جي پرورش جي ذميداري پنهنجي مٿان کنئين ۽ اهو سمورو مال جيڪو ان ٻار کي وراثت ۾ مليو هو، اهو بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو.

هاڻي گهرجي ها تہ ابو جهل ان يتيم ٻار جي سُٺي طرح سار سنڀارَ لهي ها پر اهو بدبخت غير مُسلم هو، ان جي دل ۾ حرص ۽ هَوس ڀريل هئي، ان يتيم جي پرورش ڪرڻ جي بدران، ويتر ان جي مالَ تي قبضو ڪري ورتو. هڪ

[1] وسائلِ فردوس، صفحہ:28 ملتقطًا۔

ڏينهن اهو يتيم ٻار اگهاڙي بدن سان ان وٽ آيو ۽ پنهنجو مال ان کان گهريائين، ان تي ابو جهل بدبخت ويچاري يتيم کي ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو.

ان تي قريش جي ٻين سردارن ان يتيم کي چيو: تون محمدِ(مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) وٽ وڃ! هو تنهنجي مدد ڪندا. قريش جي ٻين سردارن تہ هيءَ ڳالهہ مذاق طور چئي هئي، انهن جو مقصد هو تہ هي يتيم ٻار محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کان مدد گهرندو، هُو هن جي مدد نہ ڪري سگهندا. پر انهن کي ڪهڙي خبر....!! اهي ربِّ ڪائنات جا محبوب آهن، اهي هڪ اَبرو(ڀرونءِ) سان اشارو ئي فرمائي ڇڏين تہ دنيا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي سگهي ٿي.

غم ورَنج واَلَم اور سب بلاؤں کا مداوا ہو
اشارہ پائے توڈوبا ہوا سورج بر آمد ہو

اگر وہ گیسوؤں والا مرادِلدار ہو جائے
اٹھے انگلی تو مہ دو بلکہ دو دو چار ہو جائے [1]

جن جي اشاري سان لتل سج موٽي اچي، آڱر کڻن تہ چنڊ 2 ٽڪرا ٿي وڃي، ڇا انهن جي چاهڻ سان هڪ يتيم ٻار جو ڏُک ختم نہ ٿي سگهندو پر ڪافرن کي ڪهڙي خبر حبيبِ خُدا جو مَقام....!!

خير اهو ئي يتيم ٻار پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي فرياد پيش ڪيائين. پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ٻار کي گڏ وٺي فوراً ابوجهل جي گهر تشريف وٺي ويا. قريش جا سردارَ تہ هي سمجهي رهيا هئا تہ ابوجهل آڪڙ ڏيکاريندو، معاذَالله! رسولِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گستاخانہ ورتاءُ اختيار ڪندو پر هي ڇا....!! ابو جهل جيئن ئي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏٺو تہ ادب سان ٻليڪار ڇئي ڪري سندن استقبال ڪيو ۽ فوراً ئي يتيم جو مال

[1] سامانِ بخشش ،صفحہ:172-174 ملتقطًا۔

ان جي حوالي ڪري ڇڏيو.

هي ڏسي ڪري قريش جا ماڻهو حيران ٿي ويا، جڏهن انهن ابوجهل کان معاملو پڇيو تہ چيائين: خُدا جو قسم! مون محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساڄي ۽ کاٻي هڪ نيزو ڏٺو، مونکي هي خوف ٿيو تہ جيڪڏهن مون انهن جي ڳالهہ نہ مڃي تہ اهو نيزو مونکي ڦاڙي ڇڏيندو.[1]

مُعطِی مطلب تمہارا ہر اِشارہ ہو گیا
جب اِشارہ ہو گیا، مطلب ہمارا ہو گیا
ڈوبتوں کا یانبی کہتے ہی بیڑا پار تھا
غم کِنارے ہو گئے، پیدا کِنارہ ہو گیا
نام تیرا، ذِکر تیرا، تو ترا پیارا خیال
ناتوانوں، بے سہاروں کا سہارا ہو گیا[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ آهي تہ جڏهن ابو جهل ۽ ان يتيم ٻار جو هي واقعو ٿيو تہ سيپارو: 30، سورت ماعون جون پهريون ڪجھ آيتون نازل ٿيون، الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ۝۱ فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝۲ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝۳

(سيپارو: 30، سورة ماعون: 1_3)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڀا تو ان شخص کي ڏٺو جيڪو دين کي ڪوڙو چوي ٿو پوءِ اهو اهڙو آهي جيڪو يتيم کي ڌِڪا ڏئي ٿو ۽ مسڪين کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت نہ ٿو ڏئي.

## سورت ماعون جو مختصر تعارف

اي عاشقانِ رسول! سورت ماعون مڪي (يعني هجرت کان پهريان نازل ٿيڻ وارين

[1] اَلسِّيرةُ الْحَلْبِيّة،باب عرض قريش عليه ...الخ،جلد:1 ،صفحه:445۔
[2] ذوقِ نعت،صفحه:74 ملتقطًا۔

سورتن مان) آهي هن سورت ۾ 1 رڪوع ۽ 7 آيتون آهن. ماعون جي معنٰي آهي استعمال جي معمولي شيءِ ۽ هن سورت جي آخري آيت ۾ هي لفظ موجود آهي ان مناسبت سان هن کي **سورت ماعون** چوندا آهن. هي بہ چيو ويو آهي تہ هي سورت اڌ مڪي ۾ مڪي جي ڪافرن جي لاءِ مثلاً ابوجهل. عاص بن وائل وغيره جي متعلق نازل ٿي جڏهن تہ هن جو باقي اڌ حصو عبدُ الله بن ابي سلول مُنافق جي باري ۾ مديني پاڪ ۾ نازل ٿيو.[1]

## سورت ماعون جو هڪ بنيادي نڪتو

علّامہ بُقاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سورت ماعون ۾ بنيادي طور تي هي نڪتو سمجهايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن اٿڻ ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ پيش ٿيڻ جو انڪار ڪرڻ اَبُوالْخَبَائِث (بُرائين جي پاڙ) آهي. ان انڪار جي سبب انسان بُري اخلاق ۽ خراب ڪردار جو عادي ٿي ويندو آهي.[2]

قيامت جي ڏينهن جو اهو ئي انڪار ماڻهو کي ظالم بڻائيندو آهي، جيڪو قيامت جو انڪار ڪندو آهي، ان جي اندر مان انسانيت ختم ٿي ويندي آهي، اهو انساني شڪل ۾ حيوان بڻجي ڪري يتيمن، مسڪينن ۽ بي سهارن تي ظلم ڪرڻ ۽ انهن کي ڌڪا ڏيندو آهي، اهو ئي قيامت جو انڪار ماڻهو کي رياڪار بڻائيندو آهي، اهو قيامت جو انڪار ٻانهي کي پنهنجي ربِّ ڪريم جو نافرمان بڻائيندو آهي ۽ انهيءَ انڪار جي سبب ماڻهو بخل يعني ڪنجوسي ۽ لالچ ۽ هَوس جي ڪاهي ۾ ڦاسي ڪري تباهہ ٿي ويندو آهي.

## آخرت کان بي خوفي جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان الحمد لله! مسلمان آهيون، الله پاڪ جو وڏو فضل

---

[1] حاشية الصاوی على تفسير جلالين،پاره:30، سورۀ ماعون، جلد:3، صفحہ:338۔
[2] تفسير نظم الدرر ، پاره:30 ،سورۀ ماعون ،جلد:8،صفحہ:541۔

www.dawateislami.net

آهي جو اسان قيامت تي ايمان رکون ٿا، اسان جو پڪو يقين آهي تہ مرڻ کان بعد بہ هڪ زندگي آهي، الله پاڪ جڏهن چاهيندو، مُردن کي ٻيهر زنده فرمائيندو، حشر ٿيندو، سڀئي اڳيان پنيان ميدانِ محشر ۾ جمع ٿيندا، اعمال جو حساب ٿيندو، بارگاهِ الٰهي ۾ پيشي ٿيندي، ضرور ٿيندي. **الحمدلله!** اسان هي سڀ ڄاڻون بہ ٿا، ۽ ان تي پڪو يقين بہ رکون ٿا.

پر افسوس! اسان جي اندر مان قيامت جو خوف نڪرندو پيو وڃي، بارگاهِ الاهي ۾ پيشي جو خوف ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيندو پيو وڃي ۽ اسان جي معاشري ۾ بگاڙ جي هي بنيادي وجھ آهي. جيتوڻيڪ گناهن جا، ڏوهن جا ٻيا بہ ڪوڙ سبب آهن، انهن مان هڪ اهم ۽ بنيادي سبب **آخرت جي خوف** جي گهٽتائي بہ آهي. غور ڪيو! شراب ڇو پيتو ويندو آهي؟ **آخرت جي خوف جي** کَمي جي وجھ سان ماڻهو بدڪاري جي طرف جو وڌندو آهي، **آخرت جي** خوف جي کَمي جي وجھ سان. رشوت ڇو کائيندا آهن؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. چوريون ڇو ٿينديون آهن؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. ڦرون ڇو ٿينديون آهن؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. ناحق قتل ڇو ٿيندا آهن؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. جوا جا اڏا ڇو هلندا آهن؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. ٻين کي ناحق تڪليف ڇو پهچائي ويندي آهي؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. غيبت ڇو ٿيندي آهي؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. چغلي، ڪوڙ، وعده خلافي، گارگند، هي سڀ ڇو آهي؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان. گهر گهر ۾ جهيڙو جهڳڙو ڇو آهي؟ **آخرت جي خوف جي** کَمي جي وجھ سان. ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي ڇو ٿيندي آهي؟ **آخرت جي خوف** جي کَمي جي وجھ سان، مطلب تہ: گناهن جي جيتري بہ وڏي فهرست ٺاهي وڃي، انهن تمام گناهن جي سببن مان جيڪا بنيادي شيءِ ملندي اها **آخرت جي** خوف جي کَمي هوندي.

يقين ڪيو! جيڪڏهن اسان کي قبر ۽ حشر ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ پيشي جو حقيقي خوف نصيب ٿي وڃي ته اسان جو معاشرو واقعي مثالي معاشرو بڻجي ويندو، اسان جي معاشري مان تمام بُرايون ختم ٿي وڃن، گناهن جا اڏا ويران ٿي وڃن ۽ پورو معاشرو دنيا ۾ جنّت جي تصوير بڻجي -وڃي.

الله پاڪ اسان کي اهڙو حقيقي خوف نصيب فرمائي. الله پاڪ اسان کي حقيقي، باڪردار ۽ بااخلاق مسلمان بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

تِرے خوف سے، تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی!
مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دَم
ترے خوف سے یاخُدا یاالٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سورت ماعون جا 4 اهم مضامين

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت ماعون ۾ بنيادي طور تي ڪافرن ۽ منافقين جي 4 عيبن جو ذڪر آهي: (1): بخل يعني ڪنجوسي (2): نمازن ۾ سُستي ۽ لاپرواهي (3): رياڪاري ۽ (4): ٻين جي خيرخواهي نه ڪرڻ.

## (1): بخل يعني ڪنجوسي

ڪافر جيڪي دين جو، مرڻ کان بعد اٿڻ ۽ قيامت قائم ٿيڻ جو انڪار ڪندا آهن، انهن جو پهريون عيب آهي: بخل يعني ڪنجوسي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝۲ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝۳

(سيپارو: 30، سورة ماعون: 1_3)

ترجمو ڪنزالعرفان: يتيم کي ڌِڪا ڏئي ٿو ۽ مسڪين کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت نه ٿو ڏئي.

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:105 بتقديم و تاخير۔

يعني دين کي ڪوڙو چوڻ واري شخص جو اخلاقي حال هي آهي تہ اهو يتيم کي ڌِڪا ڏيندو آهي ۽ اهو پنهنجي گهر وارن ۽ ٻين مالدارن کي هن ڳالهہ جي ترغيب ناهي ڏيندو جو اهو مسڪينن کي کاڌو ڏين.[1]

الله اڪبر! هي ڪنجوسي ڪيڏو خراب درجو آهي...!! ڪو ڪيڏو بہ ڪنجوس چونہ هجي، روئيندڙ رڙندڙ يتيم بي سهاري کي ڏسي ڪري تہ ماڻهو کي ترس اچي ئي ويندو آهي، گهٽ نہ تہ هڪ بہ وقت جو کاڌو تہ ان کي کارائي ڇڏيندو آهي پر هي قيامت جو انڪار ڪرڻ وارو ڪيتري قدر بُرو آهي جو هي يتيمن، بي سهارن کي ڌِڪا ڏي ٿو، جيئن اسان ابو جهل جو واقعو پڙهو، ان هڪ يتيم جي پرورش جي ذميداري ڪنئي، پوءِ ان جي ڪفالت ڪرڻ، ان جي سُٺي سار سنڀار ڪرڻ جي بدران ان بدبخت ابتو ان يتيم جي ئي مال تي قبضو جمائي ورتو ۽ ان کي ڌِڪا ڏئي ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو.

الله پاڪ جي پناهہ...!! الله پاڪ اسان کي يتيمن، بي سهارن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## يتيمن جو حق نہ کائو!

نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄڪلهہ اسان جي معاشري ۾ بہ يتيمن کي قدر جي نگاهہ سان ناهي ڏٺو ويندو. يتيم ٻار کي ان جي يتيمي جو احساس ڏيارڻ، ان سان بُرو سلوڪ ڪرڻ، پنهنجي اولاد ۽ يتيم ٻار جي درميان فرق ڪري، ان جي ڏکائڻ تہ معمولي ڳالهيون آهن، پر اسان جي معاشري ۾ اهڙا بہ نادان آهن جيڪي ڄاڻي واڻي يا بي خبري ۾ يتيمن جو مال کائي ويندا آهن. اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ

[1] تفسير روح البيان، پاره:30 ، سورة ماعون، زيرِ آيت:3، جلد:10، صفحہ:536۔

فرمائن ٿا: علمِ دين کان دوري ۽ جهالت جي سبب عام طور خاندانن ۾ ورثو ناهي ورهايو ويندو اڪثر وارثن ۾ يتيم ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ شامل هوندا آهن ۽ ماڻهو بي ڌڙڪ انهن يتيمن جو مال کائيندا پيئندا ۽ هر طرح سان استعمال ڪندا آهن حالانڪ هي سڀ ناجائز آهي ۽ ان جي طرف ڪنهن جي توجهہ ئي ناهي ويندي. ياد رکو! ميت جي وارثن ۾ جيڪڏهن ڪو يتيم هجي ورثو ورهائي يتيم جو حصو الڳ نہ ڪيو وڃي تيستائين ان ۾ ميت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ صدقو ۽ خيرات وغيره بہ نہ ٿا ڪري سگهون. سيپارو: 4 سورت نساء جي آيت نمبر 10 ۾ خُداءِ رحمٰن جو فرمانِ عاليشان آهي:

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَاۡكُلُوۡنَ اَمۡوَالَ الۡيَتٰمٰى ظُلۡمًا اِنَّمَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ نَارًا‌ ؕ وَسَيَصۡلَوۡنَ سَعِيۡرًا ﴿۱۰﴾

(سيپارو: 4 سورت نساء: 10)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي ظلم ڪندي يتيمن جو مال کائيندا آهن اهي پنهنجي پيٽ ۾ بلڪل باهہ ڀريندا آهن ۽ عنقريب اهي ماڻهو ڀڙڪندڙ باهہ ۾ ويندا.

هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الأُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن يتيم جو مال پنهنجي مال سان ملائي ڪري کائڻ (ڪيئي صورتن ۾) حرام ٿيو تہ الڳ طور تي کائڻ بہ ضرور حرام آهي. هن مان معلوم ٿيو تہ يتيم کي هبہ (يعني تحفو) ڏئي سگهون ٿا پر ان جو تحفو نہ ٿا وٺي سگهون. هي بہ معلوم ٿيو تہ وارثن ۾ جنهن جا يتيم بہ هجن ان جي ورثي مان نياز، ختمو خيرات ڪرڻ حرام آهي ۽ ان کاڌي جو استعمال حرام. پهريان مال ورهايو پوءِ بالغ وارث پنهنجي مال مان خيرات ڪري.

وڌيڪ فرمائن ٿا: جڏهن ميت جا وارث يتيم يا غائب هجن تہ گڏيل مال مان ان جي خيرات وغيره حرام آهي جو ان ۾ يتيم جو حق شامل آهي بلڪ پهريان تقسيم ڪاري ڪيو پوءِ ڪو بالغ وارث پنهنجي حصي مان هي تمام

ڪمَ ڪري نہ تہ جيڪو بہ اهو کائيندو دوزخ جي باھ کائيندو. قيامت ۾ ان جي منهن مان دُونهون نڪرندو. حديث شريف ۾ آهي تہ يتيم جو مال ظلماً کائڻ وارا قيامت ۾ هن طرح اٿندا جو انهن جي منهن، ڪن نڪ مان بلڪ انهن جي قبر مان دُونهون اڏرندو هوندو جنهن سان اهي سڃاتا ويندا تہ هي يتيمن جو مال ناحق کائڻ وارا آهن.[1]

الله پاڪ اسان کي يتيمن بلڪ تمام مسلمانن جا حقَ پورا پورا ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اچو! يتيم ٻارن سان ڀلائي ڪرڻ جي فضيلتن تي 3 حديثون ٻڌون ٿا:

## يتيم ۽ مسڪين جي ڪفالت جا فضائل

(1): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مسلمانن ۾ بهترين گھر اهو گھر آهي جنهن ۾ يتيم هجي ۽ ان سان سُٺو سلوڪ ڪيو ويندو هجي ۽ مسلمانن ۾ بدترين گھر اهو گھر آهي جنهن ۾ يتيم هجي ۽ ان سان بُرو سلوڪ ڪيو ويندو هجي.[2] (2): پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مسڪين ماڻهو جنّت ۾ مالدارن کان 40 سال پهريان ويندا، اي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا! مسڪين کي خالي نہ موٽاءِ جيتوڻيڪ کُجور جو ٽڪرو ئي هجي ان کي ڏئي ڇڏ. اي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا! مسڪينن سان محبت ڪر، انهن کي ويجهو رکُ تہ جيئن الله پاڪ قيامت ۾ توکي ويجهو ڪري ڇڏي.[3] (3): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو شخص يتيم جي مٿي تي صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هٿ ڦيري تہ جيترن وارن تي ان جو هٿ گذرندو هر وار جي بدلي ۾ ان جي لاءِ نيڪيون آهن ۽ جيڪو شخص يتيم ڇوڪريءَ يا يتيم ڇوڪري تي

---

[1] تفسير نورُ العرفان،پاره:4 ،سورۂ نساء،زيرِ آيت:10 ،صفحہ:95۔
[2] ابنِ ماجہ، كتاب الادب، باب حق اليتيم،صفحہ:593 ،حديث:3679۔
[3] ترمذی،کتاب الزہد،باب ما جاء ان فقراء المہاجرين...الخ،صفحہ:562 ،حديث: 2352۔

احسان ڪري مان ۽ اهو جنّت ۾(آڱريون ملائي ڪري فرمايون تہ) هن طرح هونداسين.[1]

هن حديث پاڪ جي حوالي سان مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص عزيز يا اجنبي يتيم جي مٿي تي محبت ۽ شفقت سان هٿ ڦيري ۽ هي محبت صرف الله ۽ رسول (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي رضا جي لاءِ هجي تہ هر وارَ جي بدلي ان کي نيڪي ملندي. هي ثواب تہ خالي هٿ ڦيرڻ جو آهي جيڪو ان تي مال خرچ ڪري، ان جي خدمت ڪري، ان کي تعليم ۽ تربيت ڏي سوچيو تہ ان جو ثواب ڪيترو هوندو.[2]

## دل جي نرمي جوهڪ نسخو

پيارا اسلامي ڀائرو! يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ سان نيڪين جي حصول سان گڏوگڏ دل جي سختي دور ٿيندي ۽ حاجتون بہ پوريون ٿينديون آهن جيئن تہ حضرت ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي تہ هڪ شخص پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي دل جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا تون چاهين ٿو تہ تنهنجي دل نرم ٿي وڃي ۽ تنهنجون حاجتون پوريون ٿين؟ تہ يتيم تي رحم ڪندو ڪر ۽ ان جي مٿي تي هٿ ڦيريندو ڪر ۽ پنهنجي ڪاڌي مان ان کي کارائيندو ڪر ائين ڪرڻ سان تنهنجي دل نرم ٿيندي ۽ حاجتون پوريون ٿينديون.[3]

جڏهن بہ ڪنهن يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرڻو هجي تہ مٿي جي پنيان کان هٿ ڦيريندي اڳيان جي طرف کڻي اچو جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڇوڪرو يتيم

[1] مسند امام احمد، جلد:9،صفحہ:204، حديث:22922
[2] مرآۃ المناجيح، جلد:6، صفحہ:562
[3] مجمع الزوائد،كتاب البر والصلة ، باب ما جاء فی الايتام...الخ،جلد:8، صفحہ:206، حديث:13509۔

هجي تہ ان جي مٿي تي هٿ ڦيرڻ ۾ اڳيان آٽي ۽ جڏهن ان جو پيءُ هجي (يعني ٻار يتيم نہ هجي) تہ هٿ ڦيرڻ ۾ ڪنڌ جي طرف ڪٽي وڃي.[1]

## هڪ افطار يتيم ۽ مسڪين سان گڏ

جيڪڏهن ڪو رشتيدار ناهي، تڏهن بہ يتيم ۽ مسڪين کي افطاري ڪرائڻ ڪو حرج نہ ٿئي ڪهڙو آهي بلڪ يتيم ۽ مسڪين جي افطاري ڪرائڻ ۾ ثواب گهڻو ملڻ جي اميد آهي. صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللہُ عَنْہما جي عادت مبارڪ هئي تہ پاڻ افطاري مسڪينن سان ڪندا هئا.[2]

سُبْحٰنَ الله! اسان بہ نيّت ڪيون گهٽو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ افطار تہ ڪنهن غريب سان ڪيون، اِنْ شَآءَاللہُ الْكَرِيْم! ان جي دل جوئي ٿيندي، ان جي دل مان دعائون نڪرنديون تہ اِنْ شَآءَاللہُ الْكَرِيْم! اسان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو.

## (2): نماز کي اهميت نہ ڏيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت ماعون ۾ قيامت جو انڪار ڪرڻ وارن جو ٻيو عيب بيان ٿيو تہ اهي نماز کي اهميت ناهن ڏيندا، نمازن ۾ سُستي ۽ لاپرواهي ڪندا آهن، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| الَّذِیْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ﴿۵﴾<br>(سيپارو: 30، سورت ماعون: 5) | ترجمو ڪنز العرفان: جيڪي پنهنجي نماز کان غافل آهن. |

**تفسيرِ صراطُ الجنان** ۾ آهي: ان مان مُراد منافقين آهن جو جڏهن اهي اڪيلا هوندا آهن تہ نماز ناهن پڙهندا ڇوتہ ان جي فرض هجڻ جو اعتقاد ناهن رکندا ۽

---

[1] معجم اَوْسَط، جلد:1، صفحہ:351، حديث:1279۔

[2] لطائف المعارف، صفحہ:233۔

جڏهن ماڻهن جي سامهون هوندا آهن تہ نمازي بڻجندا، پاڻ کي نمازي ظاهر ڪندا ۽ انهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ اٿي ويهي وٺندا آهن ۽ حقيقت ۾ اهي ماڻهو نماز کان غافل آهن.[1]

## نماز کان غفلت جون ڪجھ صورتون

نماز کان غفلت جون ڪجھ صورتون ھي آھن، مثال طور نماز پابندي سان نہ پڙھڻ، صحيح وقت تي نہ پڙھڻ، فرائض ۽ واجبات کي صحيح طريقي سان ادا نہ ڪرڻ، شرعي عُذر جي بغير باجماعت نہ پڙھڻ، نماز جي پرواھ نہ ڪرڻ اڪيلائي ۾ قضا ڪري ڇڏڻ ۽ ماڻھن جي سامھون پڙھي وٺڻ وغيره.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏھن اسان غور ڪيون تہ ھي صورتون بہ ھاڻي اسان جي معاشري ۾ تمام گھڻيون پاتيون وڃن ٿيون، ڪيئي ماڻھو اھڙا آھن جيڪي نمازن جي پابندي ناھن ڪندا، نمازون قضا ڪندا آھن، نماز جي فرضن ۽ واجبن جي درست ادائيگي تہ پري جي ڳالھ، مسلمانن جو ھڪ تعداد اھڙو آھي جن کي نماز جي فرضن ۽ واجبن جي پوري معلومات بہ ناھي ھوندي، ڪيترا ئي اھڙا آھن جيڪي نماز جي بلڪل پرواھ ئي ناھن ڪندا، ڪڏھن دل چيو تہ پڙھي ورتي، ڪڏھن نہ پڙھي، ڪو 2 پڙھندو آھي، ڪو 4 پڙھي ڪري دل کي مجائي وٺندو آھي، ڪو بنا عُذر جماعت ڇڏيندو آھي ۽ اھڙن جو بہ ھڪ تعداد آھي جيڪي جمعو جمعو يا صرف عيد جي ڏينھن ئي مسجد جو رخ ڪندا آھن.

## نماز کان غفلت جو وبال

ياد رکو! نماز دين جو اھم ترين رُڪن آھي، اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

---

[1] تفسير صراط الجنان ،پاره:30 ،سورۂ ماعون،زيرِ آيت:5 ،جلد:10، صفحہ:840۔

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

(سيپارو: 16، سورة مريم: 59)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا سو عنقريب اهي جهنّم جي خوفناڪ واديءِ غَي سان ملندا.

هن آيتِ ڪريمه ۾ غَيّ جو تذڪرو آهي، حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: غَيّ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ گهرائي سڀ کان وڏي آهي، ان ۾ هڪ کوهه آهي جنهن جو نالو هَب هَب آهي، جڏهن جهنّم جي باهه وسامڻ واري هوندي آهي الله پاڪ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها بدستور (يعني پهريان جيان) ڀڙڪڻ لڳندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! خوفِ خُدا ۾ ڏڪي وڃو! گهٻرائي ڪري جلدي پنهنجي گناهن کان توبهه ڪري وٺو! قرآنِ ڪريم ۾ ٻڌايو ويو ته جيڪي نمازون ضايع ڪندا آهن اهي غَيّ نالي جهنّم جي هولناڪ کوهه جا حقدار آهن. هن خوفناڪ کوهه کي سمجهڻ جي لاءِ ڪڏهن ڪنهن دنياوي وڏي کوهه جي ڪناري بيهي ڪري ان جي گهرائي ۾ ٿوري نظر وجهو ۽ سوچيو ته جيڪڏهن دنيا جي ان کوهه ۾ ئي قيد ڪيو وڃي ته ڇا اسان هن سزا کي برداشت ڪري سگهنداسين؟ جيڪڏهن نه ۽ يقيناً نه ته پوءِ جهنّم جي خوفناڪ کوهه جو عذاب ڪيئن برداشت ٿي سگهندو!

## بي نمازي جون ٿي شامتون

منقول آهي: قيامت جي ڏينهن نمازن ۾ سُستي ڪرڻ وارو هن حال ۾ ايندو جو ان جي چهري تي ٽي سٽون لکيل هونديون: (1): اي الله جو حق برباد ڪرڻ

[1] بهارِ شريعت، جلد:1، صفحه:434، حصه:3.

وارا! (2): اي الله جي غضب سان مخصوص! (3): جهڙيءَ طرح دنيا ۾ تو حقُ الله يعني الله پاڪ جو حق ضايع ڪيو اهڙيءَ طرح اڄ تون بہ الله پاڪ جي رحمت کان مايوس ٿي وڃ.[1]

| | |
|---|---|
| پڑھتے رہو نَماز تو جنت کو پاؤ گئے | چھوڑو گے گر نَماز جہنم میں جاؤ گے |

الله پاڪ اسان کي سچو، پڪو نمازي بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (3): رياڪاري

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جو انڪار ڪرڻ وارن جو ٽيون وصف هي بيان ٿيو تہ اهي رياڪاري ڪندا آهن، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۙ﴿۶﴾ (سيپارو: 30، سورت ماعون: 6) | ترجمو ڪنزالعرفان: اهي جيڪي ڏيکاءُ ڪن ٿا. |

يعني منافق فرضن جي ادائيگي الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ نہ بلڪ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪندا آهن.[2]

## رياڪاري جي تعريف

رياڪاري جي تعريف هي آهي تہ پنهنجي عمل کي ان ارادي سان ظاهر ڪرڻ تہ ماڻهو ان کي ڏسي ڪري ان جي عبادت گذاري جي تعريف ڪن.[3]

---

[1] الزواجر،الكبيرة السابعة و السبعون،جلد:1 ،صفحہ:256۔
[2] تفسير صراط الجنان ،پاره:30، سورۃ ماعون،زيرِ آيت:5 ،جلد:10 ،صفحہ:841۔
[3] تفسير صراط الجنان ،پاره:30، سورۃ ماعون،زيرِ آيت:5 ،جلد:10 ،صفحہ:841

## رياڪاري ڇا کي چوندا آهن؟

الله پاڪ جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ. جڻ عبادت مان هي مطلب هجي ته ان جي عبادت تي آگاهه هجن ته جيئن انهن ماڻهن کان مال ڦٻائي يا ماڻهو ان جي تعريف ڪن يا ان کي نيڪ ماڻهو سمجهن يا ان کي عزّت وغيره ڏين.[1]

## رياڪاري جون تباه ڪاريون

پيارا اسلامي ڀائرو! رياڪاري نهايت ئي بُري بيماري آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَ هُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ﴿۱۵﴾

(سيپارو: 12 سورة هود: 15)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو دنيا جي زندگي ۽ ان جي زينت چاهيندو هجي ته اسان دنيا ۾ ڪيس ان جي عملن جو پورو بدلو ڏينداسين ۽ ان کي دنيا ۾ ڪجهه گهٽ نه ڏنو ويندو.

حضرت ابنِ عبّاس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا ته رياڪارن کي دنيا ۾ ئي انهن جي نيڪين جو بدلو ڏنو ويندو آهي ۽ انهن تي ذري برابر به ظلم ناهي ڪيو ويندو.[2]

رِياكاريوں سے بچا يا الٰہی! | بنا مجھ کو مُخلِص بنایا الٰہی!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! | صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] الزواجر،الكبيرة الثانية،جلد:1، صفحه:76۔

[2] تفسيرِ طبری، پاره:12، سورۂ ہود،زيرِ آيت:15، جلد:7، صفحه:13

# رياڪاري جو دردناڪ عذاب

حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنّم روزانو 4 سؤ ڀيرا پناهه گهرندو آهي، اللهٰ پاڪ اها وادي اُمّتِ محمديہ جي انهن رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآنِ پاڪ جا حافظ، غيرُ الله جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، الله پاڪ جي گهر جي حاجين ۽ راهِ خُدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا.[1]

بچالے رِیا سے بچا یا الٰہی! | تُو اِخلاص کر دے عطا یا الٰہی!

رياڪاري جي تباهه ڪارين جي متعلق تفصيلي معلومات ۽ ان جا علاج ڄاڻڻ جي لاءِ اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو ڪتاب نيڪي جي دعوت صفحي: 63 کان 106 پڙهي وٺو! الله پاڪ اسان کي رياڪاري جي آفت کان بچڻ، هر نيڪ ڪم صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (4): خيرخواهي نہ ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جو انڪار ڪرڻ وارن جو چوٿون ۽ آخري وصف جيڪو سورت ماعون ۾ بيان ٿيو، اهو هي تہ

وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ۝
(سيپارو: 30، سورت ماعون: 7)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ گهريلو استعمال جون معمولي شيون بہ نہ ٿا ڏين.

ماعون جي معنٰي آهي: عام استعمال جي معمولي شيءِ. مطلب هي آهي تہ منافقين ايترا ڪنجوس، بي حِس ۽ لاپرواهه آهن جو جيڪڏهن ڪو انهن کان

[1] معجمِ ڪبير ،جلد:6 ،صفحہ:111 ،حديث:12632۔

عام استعمال جي معمولي شيءِ بہ گھري وٺي اھي ڏيڻ کان انڪارڪري ڇڏيندا آھن.[1]

## ھڪ مستحب عمل

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: مستحب آھي تہ ماڻھو پنھنجي گھر ۾ اھڙي شيءِ پنھنجي حاجت کان وڌيڪ رکي جنھن جي پاڙي وارن کي ضرورت پوندي ھجي ۽ انھن کي اوڌر ڏيندو ڪري.[2]

## ھڪ ڏُڪ پاڻي پيارڻ جي فضيلت

مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہ عَنْہا فرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو: يارسولَ اللہ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ڪھڙي شيءِ آھي جنھن جو منع ڪرڻ حلال ناھي؟ فرمايائون: پاڻي، لوڻ ۽ باھ. مون عرض ڪيو: يا رسولَ اللہ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! پاڻي کي تہ اسان سمجھي وياسين، پر لوڻ ۽ باھ جو ھي حڪم ڇو آھي؟ فرمايائون: اي حُميراء رَضِیَ اللہ عَنْہا جنھن ڪنھن شخص کي باھ ڏني ان ڄڻ ان باھ مان نھيل سمورو کاڌو خيرات ڪيو ۽ جنھن ڪنھن شخص کي لوڻ ڏنو ان ڄڻ ان سمورو کاڌو خيرات ڪيو جنھن کي ان لوڻ مزيدار بڻايو ۽ جنھن ڪنھن مسلمان کي ھڪ ڏُڪ پاڻي اتي پياريو جتي پاڻي عام ملندو ھجي ان ڄڻ غلام آزاد ڪيو ۽ جنھن مسلمان کي اتي ھڪ ڏُڪ پاڻي پياريو جتي پاڻي نہ ملندو ھجي ان ڄڻ ان کي زندگي بخشي.[3]

اللہ پاڪ اسان کي آخرت تي مضبوط يقين رکي، دل ۾ خوفِ خُدا وڌائڻ، بارگاھِ الاھي ۾ حاضري جو فڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اسان ڪافرن ۽

---

[1] تفسير صراط الجنان،پارہ:30 ، سورۂ ماعون،زيرِ آيت:7، جلد:10، صفحہ:843 خلاصتً۔
[2] تفسيرِ خازن، پارہ:30، سورۂ ماعون، زيرِ آيت:7، جلد:4، صفحہ:479۔
[3] ابنِ ماجہ، ڪتاب الرہون، باب المسلمون شرکاء فی ثلاث،صفحہ:396، حديث:2474۔

منافقين جا 4 عيب ٻڌا: (1): قيامت جو انڪار ڪرڻ وارا ۽ منافق ڪنجوس آهن، يتيمن، مسڪينن کي ڌڪا ڏيندا آهن (2): نمازن ۾ سُستي ڪندا آهن (3): نيڪ اعمال ڪن به ته اخلاص سان، الله پاڪ جي رضا ماڻڻ جي لاءِ نه بلڪ ماڻهن کي ڏيکارڻ، پنهنجي واهه واهه ڪرائڻ جي لاءِ ڪندا آهن ۽ (4): ايترا ڪنجوس آهن جو عام استعمال جي معمولي شيءِ به گهرڻ سان ناهن ڏيندا.

الله پاڪ اسان کي انهن چئن عيبن کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

کمر توڑی ہے عصیاں نے، دبایا نفس و شیطاں نے
نہ کرنا حشر میں رُسوا، مرا رکھنا بھرم مولیٰ!
نہ کرنا حشر میں پُرسش، مری ہو بے سبب بخشش
عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمَم مولیٰ!
مسلماں ہوں اگرچہ بد ہوں، سچّے دِل سے کرتا ہوں
ترے ہر حکم کے آگے سرِ تسلیم خم مولیٰ!
میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ![1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماهِ رمضان جي هڪ پياري عبادت

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان جو ٻيو عشرو جاري آهي، عنقريب آخري عشرو شروع ٿي ويندو. رمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي هڪ نهايت ئي

[1] وسائلِ بخشش، صفحه:97-98 ملتقطًا.

پياري عبادت آهي: اعتڪاف. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان پوري رمضان مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ ثابت آهي ۽ آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف تہ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تمام محبوب هو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جو خوب اهتمام فرمائيندا هئا، ايستائين جو هڪ ڀيري ڪنهن سبب رمضانُ المبارڪ ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شوال ۾ اعتڪاف فرمايو.[1]

## اعتڪاف جا فضائل

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو اللّٰه پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو اللّٰه پاڪ ان جي ۽ جهنّم جي درميان 3 خندقون آڙ ڪري ڇڏيندو، هر خندق جي مسافت (يعني دوري) مشرق ۽ مغرب جي فاصلي کان بہ وڌيڪ آهي.[2] امُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي: مَنِ اِعْتَكَفَ اِيْمَاناً وَ اِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ جنهن ايمان جي حالت ۾ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پنيان گناه بخشيا ويندا.[3] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: جنهن رمضانُ المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي جڻ 2 حج ۽ 2 عُمرا ڪيا.[4]

## اجتماعي سُنّت اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مُلڪ ۽ بيرونِ ملڪ هزارين مسجدن ۾ لکين لکَ عاشقانِ رسولِ سڄو رمضان جو مهينو ۽ آخري ڏهاڪي

---

[1] بخاري،ڪتاب الاعتڪاف،باب الا عتكاف فی الشوال ، صفحہ:533،حديث:2041 ـ
[2] شُعَبُ الْاِيْمَان، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3965ـ
[3] جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480ـ
[4] جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479ـ

جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن، جيڪو هڪ مڪمل شيڊول جي مطابق ذڪر و اذڪار، فرائض ۽ نوافل ۽ ٻين عبادتن سان گڏوگڏ روزانو بعدِ عصر ۽ تراويح کان پوءِ 2 مدني مذاڪرن جي ذريعي علمِ دين حاصل ڪندا ۽ سنّتن جي تربيت ماڻيندا آهن. پڻ ڪيئي اعتڪاف ڪرڻ وارا رمضانُ المبارڪ جي اختتام تي عيد واري رات ئي عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجي ويندا آهن، ڪيئي مختلف مدني ڪورسز جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

اچو! ترغيب جي لاءِ اجتماعي اعتڪاف جي هڪ مدني بهار ٻڌو ٿا:

## گناهن ڀَري زندگي ۾ بهار اچي وئي

ڊيره الله يار (صوبہ بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان ڀهريان گناهن جي ڪاهي ۾ ڦاٿل هيس، فلمون ڏسڻ ۽ بدنگاهي وغيره منهنجا پسنديده مشغلا هئا، هڪ ڀيري هڪ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن تمام پياري انداز ۾ مونکي اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، انهن جو حڪمت ڀَريو ۽ پيارو انداز ڏسي ڪري منهنجي دل تي چوٽ لڳي ۽ مان رمضانُ المبارڪ ۾ اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت جي لاءِ فيضانِ مدينہ پهچي ويس. دورانِ اعتڪاف مبلغين اسلامي ڀائرن جي سنّتن ڀَري بيانن، پُر سوز مناجات ۽ رقّت انگيز دعائن سان منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، مون ڀهريان جي گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، ان جي برڪت سان منهنجي ڪردار ۽ گفتار ۾ مثبت تبديليون ***(Positive Changes)*** اچڻ لڳيون، مون عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو، سنّت جي مطابق ڏاڙهي شريف بہ

رکي ورتي ۽ الحمد لله! نمازن جو پابند بہ بڻجي ويس.

| | |
|---|---|
| آئیں گی سُنّتیں، جائیں گی شامتیں | مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف |
| تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتیں | مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي دعوتِ اسلامي جي **I.T** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن بہ جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (**Madani Qaida**). هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (**Audio**) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (**Click**) ڪندا، آڊيو (**Audio**) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (**Practice**) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي وجي سگهجي ٿي. هي ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺندا، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪندا ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريندا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان

محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# عيادت سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! (1): جيڪو مريض جي عيادت ڪندو آهي، اهو جنّت جي باغن ۾ ويهندو آهي، جڏهن اهو بيهندو آهي ته 70 هزار ملائڪ رات تائين ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.[2] (2): جنهن به سني طريقي سان وُضُو ڪيو پوءِ ثواب جي نيّت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪئي ته ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو.[3]

اي عاشقانِ رسول! بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي بلڪ سنّتِ انبياء آهي نبين جي نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هئي ته ڪنهن صحابي (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) جي بيمار هجڻ جي اطلاع ملندي هئي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا جيڪڏهن ڪو شخص 3 ڏينهن مسجد کان غائب رهندو هو ته پاڻ ان جي متعلق ماڻهن کان پڇندا هئا، جيڪڏهن اهو بيمار ٿيندو ته ان جي عيادت فرمائيندا[4] ۽ عيادت جي لاءِ جيڪڏهن مديني شريف جي آخري ڪناري تائين به وڃڻو پوندو هو ته تشريف وٺي ويندا ۽ پنهنجي صحابہ (رَضِيَ اللهُ عَنْهُم) جي عيادت فرمائيندا.[5] مشهور مُفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ اخلاقن مان آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر امير ۽ غريب جي گهر بيمار کي پڇڻ جي لاءِ تشريف وٺي

---

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
[2] شعب الايمان، مريض کی عيادت کا باب،جلد:6، صفحہ:531،حديث:9171۔
[3] ابو داؤد ،کتاب:جنائز ، باب :وضو ميں عيادت کی فضيلت، صفحہ: 500، حديث:3097۔
[4] مسند ابی يعلی، جلد:3، صفحہ: 141، حديث: 3429۔
[5] مسلم،کتاب: جنائز، مريض کی عيادت کا باب ،صفحہ:331، حديث:925خلاصةً۔

ويندا[1] حضور صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هيءَ هئي تہ جڏهن ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا تہ هي فرمائيندا هئا: لَابَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله (يعني: ڪا حرج جي ڳالھ ناهي الله پاڪ چاهيو تہ هي مرض (گناهن) کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي)[2]

عيادت ۽ ڪيئي روحاني علاجن جي متعلق وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو بيمار عابد پڙهو.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

لُوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] مرآۃ المناجيح، جلد: 2، صفحہ:407۔
[2] بُخاری،کتاب: المناقب، صفحہ:919، حديث:3616 ۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455